چونڊ

# جديد سنڌي شاعري

•

تنوير عباسي



چونڊ

# جديد سنڌي شاعري

چونڊيندڙ :

ڊاڪٽر تنوير عباسي

بتعاون :

وزارت تعليم حڪومت پاڪستان
اسلام آباد

پبلشر :

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٨١ع

چاپو پهريون          سال ۱۹۸۱ع          تعداد ۲۰۰۰

[سڀ حق واسطا قائم]
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**قيمت: ۲ روپيا**
**[Price: Rs. 2-00]**

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ٽلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسفزئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١. قدرت وارا | ڪشنچند 'بيوس' | ١ |
| ٢. محنت | ڪشنچند 'بيوس' | ٢ |
| ٣. درياهہ شاهہ | حيدربخش جتوئي | ٣ |
| ٤. غزل | عبدالڪريم 'گدائي' | ٣ |
| ٥. ياد ڪن | اياز قادري | ٤ |
| ٦. غزل | عطامحمد 'حامي' | ٤ |
| ٧. بيت ۽ ڪافيون | 'طالب المولیٰ' | ٥ |
| ٨. غزل | شيخ عبدالرزاق 'راز' | ٦ |
| ٩. منهنجو سائين چاڻ تہ آيو | هري 'دلگير' | ٦-٧ |
| ١٠. سيڪا سومل سيڪو راڻو | شيخ 'اياز' | ٧ |
| ١١. منهنجي منڙي سنڌڙي | سليم ڳاڙهوي | ٨-٩ |
| ١٢. سائيهہ جي سيڪ | نثار بزمي | ٩-١٠ |
| ١٣. غزل ۽ گيت | شمشير الحيدري | ١١ |
| ١٤. غزل | امداد حسيني | ١٢ |
| ١٥. دعا | استاد بخاري | ١٢-١٣ |
| ١٦. پيار جو سمنڊ اجهاڳ | تنوير عباسي | ١٣ |
| ١٧. نظم | راشد مورائي | ١٤ |
| ١٨. دوها | الهداد عاصم پوهيو | ١٥ |
| ١٩. ڌکن جي رات | بردو سنڌي | ١٥-١٦ |
| ٢٠. غزل | الطاف عباسي | ١٦ |
| ٢١. دوها | ذوالفقار راشدي | ١٧ |
| ٢٢. غزل ۽ قطعو | شبير 'هاتف' | ١٧ |

| | | |
|---|---|---|
| ۲۳. غزل | تاجل 'بيوس' | ۱۸ |
| ۲۴. ڪافي | احمد خان 'آصف' مصرائي | ۱۸-۱۹ |
| ۲۵. دوها | قمر 'شهباز' | ۱۹ |
| ۲۶. سٽ | محبوب 'سروري' | ۱۹-۲۰ |
| ۲۷. رباعيون | 'وفا' ناٿن شاهي | ۲۰ |
| ۲۸. پئي ڪنڌيون مهراڻ جون | 'سرويچ' سجاولي | ۲۱-۲۲ |
| ۲۹. دوها | نيازعلي شاه 'محسن' | ۲۲ |
| ۳۰. گيت | قيوم 'طراز' | ۲۳ |
| ۳۱. ٽيڙو | منشي ابراهيم | ۲۳ |
| ۳۲. دوها | عبدالجبار 'شام' | ۲۴ |
| ۳۳. وائي | خاڪي 'جويو' | ۲۴ |
| ۳۴. غزل | تاج جويو | ۲۵ |
| ۳۵. غزل | عبدالحڪيم 'ارشد' | ۲۵-۲۶ |
| ۳۶. گيت | مير محمد پيرزادو | ۲۶-۲۷ |
| ۳۷. وچندڙ چنگ | سرو پچندر 'شاد' | ۲۷-۲۸ |
| ۳۸. غزل | اياز گل | ۲۸-۲۹ |
| ۳۹. گيت | مانيٽو اوٺو | ۲۹ |

● ڪشنچند بيوس

# قدرت وارا

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ — قدرت وارا،
نرمل جوتي نور نظارا.

ڪوٺان ڪوٽ بڻايئي ڌرتيون،
سهسين سج چنڊ تارا ڪتيون،
جن جو انت نہ پارا — قدرت وارا.

گلن اندر سرهاڻ ڌرين تون،
موتين سان مهراڻ ڀرين تون،
هيرا لعل هزارا — قدرت وارا.

جڏهن وڻن تي واءُ اچي ٿو،
پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو،
چم چم جا چمڪارا — قدرت وارا.

ڇهنب چٽن ۾ چيهن ڪولي،
بلبل ڪوئل ٻولي ٻولي،
مور نچن ناميارا — قدرت وارا.

ملڪ سڄيوئي مندر آهي،
آگو سڀ جي اندر آهي،
ڏيهن منجهہ ڏئارا — قدرت وارا.

ساهہ اندر جو ساهہ ڪجي ٿو،
”بيوس“ سائين ناد وڄي ٿو،
نوبت نينهن نقارا — قدرت وارا.

## محنت

ڪ سگهي ڪيئن تنهن کي گهيري،
ڪمبختي ڪيئن تنهن کي ڪيري،
سُستي جو چُستيءَ سان ڦيري،
محنت تي جو پاڻ کي هيري،

جنهن جو محنت سٺي مدار،
محنت ڪر محنت هر وار.

ڪر ڪوشش سان کيتي واڙي،
وڃ جهنگ ڪڻ تون ڪوڏر ڪهاڙي،
محنت جنهن جي آهه اڳياڙي،
سُرهي تنهن جي آهه پڇياڙي،

سنڌ سٺي ٿئي پوک تيار،
محنت ڪر محنت هر وار.

محنت خود هڪ ورثو آهي،
قرض وڏن جو ويتر لاهي،
پونجي پنهنجي پڻ ڏئي ٿا هي،
وڌ هن ڪان ڪا ڪيميا ناهي،

محنت تان مفلس زردار،
محنت ڪر محنت هر وار.

محنت سوتين جو سهراڻ،
سون رُپي جي خاصي کاڻ،
علم عقل جي پڻ اڳواڻ،
هر شيءِ محنت سان ئي چاڻ،

محنت ڪامل ڪيمياڪار،
محنت ڪر محنت هر وار.

● حيدر بخش جتوئي

## درياهه شاهه

ٿي ساوڻ ۾ توکي بهاري ٿئي،
بهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي،
ٿي هرڪا زمين پوک واري ٿئي،
ٻنيون ريج ڪائن، سکهو آن اپائن،
پرن واهه ريلا ڪري جهنگ ٻيلا،
ٿئي جهنگ جهر پاڻي ٿو چار ماهه،
ڀلي آئين، جيءَ آئين، درياهه شاهه!

خوشيءَ مان نه ماپين ٿو اونهاري ۾،
پڄي تنهنجو پاڪر ڪڇي ساري ۾،
ڪرين تنگ تون بند ڪي گهاري ۾،
اچي شل نه ڪو گهاري لهواري ۾،
ٿئي بحر بر مان، مڃي تنهنجو فرمان،
سڙن پوکون سايون، ٿين غرق جايون،
تون بيحد خوشيءَ مان نه ماڻهن تي ڪاهه،
ڀلي آئين، جيءَ آئين، درياهه شاهه!

● عبدالڪريم گدائي

## غزل

هيءَ رات ڪٽڻ تي آئي آ، باقي ٻه گذاري وينداسين،
پر ويندي ويندي سنڌڙيءَ جي هيءَ سينڌ سنواري وينداسين.
گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي، مهلون آهن سڙسن لئي،
ڏس اوپر ڪان ٿي باک ڦٽي، هيءَ منزل ساري وينداسين.
هيءَ جان ته اڃي وڃي آ، هڪ ڏينهن ته آخر مرڻو آ،
پر ويندي ويندي پوين لئه ڪا وات سنواري وينداسين.
هيءَ آهه پڻائيءَ جي ڌرتي هت اونده مور نه اڃي آ،
هت پنهنجي رت جو ريج ڏئي، سو سج اڀاري وينداسين.

● اياز قادري

## ياد ڪن

وئين ڇڏي جن ڪي اهي ته توکي پيارا ياد ڪن،
سا زمين سو آسمان سي ته ستارا ياد ڪن.
جنهن سبب وهندا هئاسين، باهه تي گهر ۾ ڇپي،
جنوريءَ ۾ سيءَ سياري جا ته پارا ياد ڪن.
عاشقن جي سر جيان اڄ پيئي قلم ته سر تين،
سون جان آن سان پريل پنيون ۽ بارا ياد ڪن.
جت ڏرم ۽ دين جو جهيڙو نڪي تڪرار هو،
ايڪتا وارا سي صوفين جا اوتارا ياد ڪن.
جي سلي توکي ڪٿي پيئي قرب مان چئجانس "اياز"،
توکي پرديسي پرين ته ديس وارا ياد ڪن.

● عطا محمد 'حامي'

## غزل

اکين سان حال دل جا يار توسان اورڻا پوندا،
زبان خاموش رهندي چپ نه هرگز چورڻا پوندا.
محبت ۽ مصيبت جا هزارين مرحلا ايندا،
ڪشالا ڪاتبا ڏونگر ڏکن جا ڏورڻا پوندا.
غذا پيئي ڪين ڪائيندو ڪڏهن شهباز الفت جو،
هڏن تان ماس وارا پنهنجا عضوا ڪورڻا پوندا.
سڪائون باسبيون، پيرن تي پڙ وجهبا ڇيلا ڪيڍبا،
سوين سڪ جا سڳا تنهنجي سلڻ لئه سورڻا پوندا.
پڇڻ پڇرڻ جلڻ ڪاسڻ جا وٺبا ذائقا ڪيئي،
جدائيءَ ۾ جگر دل جان ۽ تن جهورڻا پوندا.
سڄن ماڻهن اڳيان "حامي" سڄو ڳالهائڻو پوندو،
زبان چورڻ ڪان اڳ ۾ حرف سارا تورڻا پوندا.

● 'طالب المولىٰ'

## بيت

ڳاءِ تنين کي ڳاءِ، ڳائي جي چاڙن،
ستان کي ٻيڻ، ڳائي ڳالهه وچائيين.

—

سڄڻ سارو ڏينهن، رئندي رئندي گذريو،
اکين منجهان مينهن، وسندي وسندي رات ٿي.

—

## ڪافيون

سون ۾ آهين تون، تون ئي تون،
تو ۾ آئون آهيان.

وار ٻه ويچو ناهه ڪو، وچ ۾ تو ۽ سون،
تو ۾ آئون آهيان.

آهي حقيقت هيڪڙي، ڏيهه ٻلي چئي ڏون،
تو ۾ آئون آهيان.

[ ٢ ]

اچي سحب منا سون کي ساري وئين،
سون کي ساري درد جياري وئين.
چا پيار پرين سنهنجا ڪين وٽيئي،
ستان عيب اپار ڪي سون ۾ ڏٺئي،
يا دل ۾ ٻي ڪا ڳالهه هيئي،
وئين اهڙو وئين جو وساري وئين.

جي رنم سڄڻ ته رئڻ نه ڏنئي،
جي ڪليم پرين ته ڪلڻ نه ڏنئي،
جي ويس ته سورهئون وچڻ نه ڏنئي،
گهڙيون ڪيئن نه ڪڙيون ڪري گهاري وئين.

● شيخ عبدالرزاق راز

## غزل

حسينن ڪيا هار سينگار ڪيئي،
اسان داغ دل جا گهٽيئي لڳايا.

ڏسي دل جي دنيا کي ويران اي دوست،
ويل سور پنهنجا وري سون ورايا.

ڏنو سون حسن وري بيتاب آهي،
تلاش سحبت جا لايا سجايا.

وٺي وات تنهنجي هلون ٿا او سائين،
اسان ڏينهن ڪيڏا ائين ئي گذاريا.

اڙي "راز" دل کي وري ڇا ٿيو آ،
چراغ محبت وسائي جلايا.

● هري دلگير

## منهنجو سائين چاڻ تہ آيو

نيلي اپ تي ننڍڙا تارا، اڄ ڇو خاص وڻن ٿا پيارا،
اڄ ڪيڏو من کي موهن ٿا، اڄ ڪن ٿا ڪي خاص اشارا،
پيئا آهن جهرمر لايو،
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو.

هو ايندو ڇا حالت ٿيندي، اڄ ڪيڏي چانڊاڻ وٺي ٿي،
اڄ پن پن دان سوچ سلي ٿي، گل گل جي سرهاڻ وٺي ٿي،
دل تي ڪهڙو جادو ڇايو،
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو.

جاڳان ٿي پر جاڳ نہ آهي، اڄ مون ڪي هي ٿي ويو ڇا هي،
ويٺي ويٺي ٻيٺي ٻيٺي، آءٌ ڇڏيان سڄو سپنا ٿا هي،
هرهڪ ۾ هن پاڻ پسايو،
منهنجو سائين ڇاڻ تہ آيو.

هو ايندو ڇا حالت ٿيندي، ٻي سڌُرتيءَ ۾ دلڙي ايندي،
هوڪجهہ پڇندو سرڪي مرڪي، پر نہ لڄاري ورندي ڏيندي،
اڄ لڄ شرم اٿو ڇا رايو،
منهنجو سائين ڇاڻ تہ آيو.

ديـر گهٽي ڇو راجا لاتي، سهل ڪمهل بہ ڪو نہ سڃاتي،
جوت جلائي جوت ٻجهايان، ويٺس پائي در ۾ جهاتي،
دل کي ڪهڙي وهم ورايو،
منهنجو سائين ڇاڻ تہ آيو.

● شيخ ’اياز‘

## سيڪا مومل سيڪو راڻو

سيڪا سومل سيڪو راڻو، پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي.

لڙڪ بہ سپ کي مرڪ بہ سپ کي،
سونهن پياري سرڪ بہ سپ کي،
پيار بہ سپ کي پور بہ سپ کي،
نينهن ڏنا ناسور بہ سپ کي،
هار بہ سپ کي جيت بہ سپ کي،
سنڌڙا سيت بہ سپ کي،
سپ کي ڳوڙها ۽ ڳاراڻو،

سيڪا سومل سيڪو راڻو، پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي.

● سليم ڳاڙهوي

## منهنجي مٺڙي سنڌڙي

شـل هجين سُرهي ۽ سائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي،
مان ته دل تـوسان لـڳائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

تنهنجو آن پـاڻـي هـوا کـائـي وڏا ٿياسون اسين،
تنهنجي هر شيءِ راس آئي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

تنهنجي پاڻيءَ ۾ پسان ٿـو کـيـر گيهه مصري ملير،
تنهنجي مـانـيءَ ۾ مـٺـائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

جـن ڏٺا سر تو مٿان اڄ تن کي تنهنجي گود ۾،
مـٺـڙي سـنـڌ نـنـڊ آئي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

سون ۽ چاندي اسان لـئـه تنهنجي ڌرتيءَ ۾ مـٽـي،
تـون سـُٺـي تـو ۾ سٺائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

سنڌڙي جت گيت گونجن ٿا سـچـل سـامـيءَ سندا،
جت پٽائيءَ جـي بـه وائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

اولـيـائـن جـي زمـيـن ساڌن سچارن جـي زمين،
جنهن ۾ بـرڪـت ۽ ڀلائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

سونهن وارن جـي زمين ۽ نينهن وارن جي زمين،
جـنـهـن ۾ سهڻائـي سچائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

چين هندستان ۽ انـگلنڊ سان منهنجو ڪـونـه ڪم،
توکان گهٽ ساري خدائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

جـي وڏي لاچار کان وچـڙي ويا پـرديس تـي،
يـاد هـر هر تـن جي آئي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

جـي وسارن ٿا وطن کي حيف تـن جـي حال تي،
عـمـر تـن جـي ٿي اجائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

ماڙري سهراڻ جي سوَ تنهنجي ساوڪ کي سلام،
شل سُکر ماڻي سڻائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

سنڌڙي او سنڌڙي شل سک وسين سرهي رهين،
شل سکر ماڻي سڻائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي.

● نثار بزمي

## ساڻيھ جي سڪ

پلي آئين پائو، خبرچار ڏي،
اچي تون پرينءَ جا پتا پار ڏي.

وطن منهنجي تي ڪا بهاري هئي،
پيهن جي ٻولي ڪا پياري هئي،
اتان واري رنگت نياري هئي،
نزاڪت اتي نُور واري هئي،
ويجهو ويهي مون کي ڪي اظهار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

سدا سبز سارين جا ٻارا هئا،
جوئر ٻاجهريءَ جا نظارا هئا،
خوشيءَ ۾ پيلا مال وارا هئا،
جهڳيون ڪير ماهيا پتارا هئا،
ڪٿي تي هليا هاري هر نار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

’عدن‘ جي خبر ڏي ’سچل‘ ڪيئن هو،
بگيءَ وارو منهنجو ’بچل‘ ڪيئن هو،
ڪوڳايو تي ’بيوس‘ غزل ڪيئن هو،
اوطاقن ۾ ميڙو متل ڪيئن هو،
ويو هوندين پڳدار پوتار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

سون کي ڏي ملن حافظن جي خبر،
سسيتن جي ڏي واعظن جي خبر،
ڪتابين جي ڏي عالمن جي خبر،
نمازين جي ڏي زاهدن جي خبر،
سوالين رندن جي خبرچار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

محبت جا ماريا ڪي رئندا ڏٺئه،
عذابن سان ويهندا ۽ اٿندا ڏٺئه،
ملڻ جون دعائون ڪي گهرندا ڏٺئه،
ڪٿي ٿولا ٿولا ٿي گهمندا ڏٺئه،
پلا خير هو منهنجي دلدار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

ڪورين ۽ ڪنيارن جو ڏي حال تون،
سهاڻن حجامن جو ڏي حال تون،
جوٽيجن جمالين جو ڏي حال تون،
ويهي دل سان داين جو ڏي حال تون،
ڪولي ڪولي خبرون اڙي يار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

اتي ڪا هئي مستي مهراڻ ۾،
نچيون ٿي ڪي لهرون لڳي پاڻ ۾،
مزو هوندو موجن جي مانداڻ ۾،
هوندو پورو هرڪوئي واڪاڻ ۾،
ڏنو هوءَ سنڌوءَ جي سينگار ڏي،
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

دنيا کان نيارو آ منهنجو وطن،
چوان ڇا ته ڪيڏو آ پيارو وطن،
نه پلجي سگهان ٿو پلارو وطن،
آ "بزميءَ" جي سر جو سهارو وطن،
وطن جو سمورو سماچار ڏي.
پلي آئين پائو، خبرچار ڏي.

● شمشيرالحيدري

## غزل

ياد ڪيا دل پنهنجا يار،
چڙڪي پيا نيڻن جا نار.

پاپڻ جي پاچن ۾ پلجن،
اهڙا پڻ آهن ڪي پيار.

جنت جهڙن ويرانين توبهه،
هت هرڪنهن جو دوزخ ڌار.

تنهنجا اي "شمشير" هي نغما،
چڻ ته ڇڄي پئي ڪا تار.

## گيت

بوند بهار وهه وا،    موج ملهار وهه وا،
گل ڦل گلزار وهه وا،    سهڻن جي سار وهه وا.

قرب قطاريا،    گيت خماريا،
محبت ماريا،    سائينءَ سنواريا،
سرها سنگهار، سٽيادار، ڪن ڪيڪار وهه وا.

دم دم ديدون،    آسون اميدون،
اکيون عيدون،    خوشيون خريدون،
برهه بازار، هي وهنوار، ٿيا واپار وهه وا.

سرتيون سهيليون،    ڪٽي گهڙيليون،
صبح سويليون،    نڪتيون نويليون،
سورهن سينگار، جلويدار، هي ديدار وهه وا.

● امداد حسيني

## غزل

عمر سڄي وسري نہ سگھي،
هڪ صورت سورت جهڙي.

اکڙين سنجهہ هئا گهوڙها،
دل ۾ ڪنهن جي ياد هئي.

پاڻ ڪسي ياد رکون ڪهڙو،
تون بہ اسان کان وئين وسري.

تنهنجي ۽ سنهنجي جندڙي،
چڻ ساهہ هئي ڪا ماڻيلي.

ڪيڏو ڏور هلي ويئي،
تنهنجي گهٽيءَ کان سنهنجي گهٽي.

● استاد بخاري

## دعا

وارن کان گهٽي
تارن کان گهٽي
وڻ ٽڻ گل ڦل
تارن کاهہ گهٽي.

برسات ڦڙين
کان ويهوٽي
واريءَ جي ڪڻين
کان ٽيهوٽي
انسان جي لئہ الفت ڏي.

چا پوري کي
چا ڪاري کي
چا ڪاري کي
چا پياري کي

چا دانا کي
چا نادان کي
ظالم ڪان سوا
هر انسان کي
جنت ڪان اگهٽي جنت ڏي.

● تنوير عباسي

## پيار جو سمنڊ اجهاڳ

پيار جو سمنڊ اجهاڳ ـــ پيارا!
پيار جو سمنڊ اجهاڳ.
لهر ڪناري سان ٽڪرائي،
سنڌرا منڌرا ساز وڄائي،
جهومي ناچ ڪري لهرائي،
تون پيي چيڙ ڪو راڳ ـــ پيارا!
پيار جو سمنڊ اجهاڳ.
لڏندڙ لهرون چلندڙ ڇوليون،
آءُ هنن سان ماڻڪ ڳوليون،
اڄ ته پريون موتين سان جهوليون،
ڪنهن اسان جا ڀاڳ ـــ پيارا!
پيار جو سمنڊ اجهاڳ.
جن جن لهرن سان لنو لاتي،
تن تن ماڻي آهي حياتي،
جن سوجن سان جهاتي پاتي،
سيئي پهتا ماڳ ـــ پيارا!
پيار جو سمنڊ اجهاڳ.

● راشد مورائي

## نظم

ياد پيو ڪو وڇڙيل يار،
لڙڪ وهن ٿا لارون لارون.

هوريان ڏاڍيان لوچيان ويٺو، مستقبل تي سوچيان ويٺو،
دور ويا ڪڏ موٽي ايندا، دل جا ڪڏهن درد ڪٽيندا،
تو سون جيڪي گڏ گذاريون، سي گهڙيون خط ياد ڏياريون،
ڪوسا ڳوڙها چار ڳڙي پيا، دل پيچي پئي لڙڪ لڙي پيا،
هاءِ! پرديسين جو پيار، هاءِ! سڄڻ جون هي سارون:
لڙڪ وهن ٿا لارون لارون،
ياد پيو ڪو وڇڙيل يار.

پريت جي آهي ريت نرالي، پيار آ، نہ تہ چوٽئي اک آلي،
ڪيڏو وقت آ ڪاڏو ڦيرو، چوڌاري دردن جو گهيرو،
سورن خوب ستايو آهي، غم جي گهاون گهايو آهي،
ڏک جي ڪنهن جي ڪلپ پون ٿا، هانءُ ۾ واقعي وڍ پون ٿا،
دل تي دردن جو آ بار، غم جون تيز وهن تلوارون:
لڙڪ وهن ٿا لارون لارون،
ياد پيو ڪو وڇڙيل يار.

وقت اميدن تي ٿا گهاريون، ويندي يون غم جون راتيون ڪاريون،
چانڊوڪي رهندي چوڌاري، يارن جي هوندي چوياري،
ٿيندو پورو دؤر خزان جو، ڪنجي ويندو دود اسان جو،
نيٺ تہ اهڙو وقت بہ ايندو، روح ادا "راشد" خوش ٿيندو،
ٿيندي دل ڙي باغ بهار، موٽي ايندي يون نيٺ بهارون:
لڙڪ وهن ٿا لارون لارون،
ياد پيو ڪو وڇڙيل يار.

● الهداد عاصم ٻوهيو

## دوها

ڪوتا ماڻهو! تون ڪوتو آن، تنهنجو من ٻي ڪوتو آهي،
تون ان جوئي پاسو آهين، جنهن جي هٿ ۾ سونٽو آهي.

ٻورا ماڻهو! تون ٻورو آن، تنهنجو من ٻي ٻورو آهي،
تون ان جوئي دشمن آهين، جنهن جو توتي ٽورو آهي.

هلڪا ماڻهو! تون هلڪو آن، تنهنجو من ٻي هلڪو آهي،
تون ان جوئي پاسو آهين، جيڪو تنهنجو پڙڪو لاهي.

ڪارا ماڻهو! تون ڪارو آن، تنهنجو من ٻي ڪارو آهي،
پنهنجا ساري پاڻ سلهايئه، تنهنجو ٻي اڄ وارو آهي.

ڪاٽا ماڻهو! تون ڪاٽو آن، تنهنجو من ٻي ڪاٽو آهي،
تنهنجي ڳلي ۾ ڳارو آ، پر تنهنجي وات ۾ داٽو آهي.

سچا ماڻهو! تون سچو آن، تنهنجو من ٻي سچو آهي،
تون ئي ان جو پاسو آهين، جيڪو توسان سچو آهي.

● ٻردو سنڌي

## ڏکن جي رات

توکي ساريندي او ساٿي، گذري ٿي هر رات،
گذري ٿي هر رات ڏکن جي گذري ٿي هر رات.

ساري توکي وات نهاريان، ڪانگ اڏايان ماں اچين،
هاري نير نهاريان تو لئه، ڏونگر ڏاريان ماں اچين،
تو بن آ من سونجهه هئه هئه جنڊڙي سورن وات،
گذري ٿي هر رات.

رات اونداهيءَ ۾ سودائي دور پکيئڙو ڪو ٻولي،
مان پانيان مون وانگي ان ڪي رڻ ۾ ويٺو ڪو رولي،
تارا ڦاڙي وهم ڏيڄارن سيج سُڄهي سڪرات،
گذري ٿي هر رات.

تنهنجي تات ۾ رات وهامي سڪ ۾ سارو ڏينهن سڄڻ،
"بردي" جي وس ويڙهي بنجي محبت جو تون مينهن سڄڻ،
ڀاءِ پلئه ۾ خوشي ٿي خوشيون پائي پياري جهات،
گذري ٿي هر رات.

● الطاف عباسي

## غزل

اڄو دوست ڏکڙن سان اڄ دل لڳايون،
سکن کي گهڙيءَ لاءِ دل تان ڀلايون.

اچو جڳ جو غم پاڻ حاصل ڪريون اڄ،
اچو پنهنجو غم جڳ جي دل ۾ سمايون.

محبت ته هڪ غير محدود شي آ،
اها ڪيئن محدود دل ۾ لڪايون.

اڪيلي اڪيلي ڇو گهاريون حياتي،
اچو گڏجي ساٿي ڪا محفل مچايون.

غمن جي ستان غم ملن ٿا اسان کي،
انهيءَ حال ۾ ڪيئن خزان کي ڀُلايون.

لڳي آهي پنهنجي دل هڪ گلبدن سان،
بهارن جا ان لاءِ ٿا گيت ڳايون.

● ذوالفقار راشدي

## دوها

هاءِ ٻسنتي ٻوندون ۽ هي ٽڏڙو ٽڏڙو واءُ،
چئني پاسي پکڙيل آهي سنڌڙو مشڪ هڳاءُ.
چانڊوڪين کي چاهيندا ۽ چمندا ويئا رند،
هاءِ ائين ئي گذري ويندي پيار جي منڙي سند.
هار نہ سائين، هار نہ سائين، ٽانءُ نہ منهنجو هار،
ٽي اسان سان پيالي پائي پيءُ، اسان کي پيار.

● شبير ”هاتف“

## غزل

ساقي پيو ڏي وره جون وتيون ڀري ڀري،
ڪو آهه جو پيئي ٽو، پيئي ۽ ٺري ٺري.
مستن ڏي چو نهارين ٽو ڪرڙيون اکيون ڪري،
الله ڪري تہ تون بہ اچين عشق جي اري.
ويچارن جو هاڻ مڙيئي بخت ٽو وري،
پاڻون پيارا آيا پکين پيرڙا ڀري.
ساٿي سڀاجهڙن کي ڀڏائي وڃي سکهو،
ڪو توکي ساري اجهو هاڻ ٽو سري.
اي چنڊ تنهنجو يار جو ڪهڙو مقابلو،
اهڙي ڪا ڳالهہ ڪرجو مڙئي ڪجهہ وري سري.
”هاتف“ الائي ڪيئن ٽو گذاري شبِ فراق،
سهڻن سوا اسان کي نہ ساعت سري سري.

## قطعو

تون حسينن کان حسين آهين، مگر توکان حسين،
منهنجا محبوب اٿئي منهنجي اسيدن جي ڪنوار.
ڪير چائي تہ گهٽا ڏينهن رهندو سندس سهاڳ،
ڪير چائي تہ ستان هيءُ بہ هجي تنهنجو پيار.

● تاجل ’بيوس‘

## غزل

ماڻ خـود ئـي خطائون ڪئي آيو آهيان،
گهٽيون ئـي گـلائـون ڪئي آيو آهيان.

وفـائـون جـفـائـون ڪئي آيو آهيان،
جـو موڻ کي ڏنـائـون ڪئي آيو آهيان.

ٻـڪـڻ جـون بـلائـون ڪئي آيو آهيان،
اهـي ڀـي تـہ آئـون ڪئي آيو آهيان.

مچيان ڏو تہ ماڻ پاڻ لئہ ڪُجھہ نہ آندو،
اوهـان لاءِ دعـائـون ڪئي آيو آهيان.

تـنـو ڏينهن تـوبهہ ڪئي هـو ڪسانو،
هـلـي چـو هـوائـون ڪئي آيو آهيان.

وڏي ڳالهہ آهي جـو دل جـي دنيا ۾،
خـدا ۽ خـدايـون ڪئي آيو آهيان.

وڳـا ويس ڀـهـري وسـڻ لاءِ ”بـيـوس“
گـهـڙي ڪـن گهٽائـون ڪئي آيو آهيان.

● احمد خان ’آصف‘ مصرائي

## ڪافي

رکي يـار توساڻ يـاري اٿم،
ني هر ڳالهہ دل تان وساري اٿم.

پرين پيار تنهنجو عبادت چوان،
سندءِ ذڪر رهندو عبادت چوان،
سندءِ نام جنو ورد جاري اٿم.

سهي سور سهمون ۽ ڏک ڏاڪڙا،
ڏئي دل دکيءَ کي دلاسا ڏڙا،
ائين عمر ساري گذاري اٿم.
اي ”آصف“ اهو وقت ويلو اٿئي،
جو سهڻي سڄڻ ساڻ سيلو اٿئي،
دعا دل سان اهڙي آچاري اٿم.

● قمر ’شهباز‘

## دوها

ڪوئل ڪوڪي تو لئه سائين سرنهه جهليو آ ٻور،
سوٽ مٺا هڪ وار ته مرڪي دل زخمن کان چور.
سان من کي پرپايان ڪيسين، ڪيسين لڙڪ وهايان،
چاڏان ٿو تون سنهنجي ناهين دل کي ڪيئن سمجهايان.

● محبوب ’سروري‘

## مست

بي لغام ٻي مهار، ڇڏ ڪ ٻارن کان ٻه ٻار،
توڙي دشمن توڙي يار، ڪنهن کي مڪ ۽ ڪنهن کي مار،
ڪنهن کي ڏک ۽ ڪنهن کي گار- جيڪي آيو سو ئي ڪار:
ڪهڙي مستن تي ميار.

ڪنهن گهڙيءَ ڪاوڙ ٿا ڪن، ڪنهن گهڙيءَ مرڪيو ملن،
ڪنهن گهڙيءَ کلندا وتن، ڪنهن گهڙيءَ رئندا رهن،
ڪنهن گهڙيءَ نانگا نچن- عام آڏو آشڪار:
ڪهڙي مستن تي ميار.

ننڊ ڇا آرام ڇا، صبح ڇا ۽ شام ڇا،
ڳوٺ ڇا ۽ گام ڇا، ننگ ڇا ۽ نام ڇا،
ڪفر ڇا اسلام ڇا سڀ ڪيائون در ڪنار؛
ڪهڙي مستن تي ميار.

ڪٿ فقيرن سان فقير، ڪٿ اميرن سان امير،
ڪٿ سڏائن ٿا حقير، ڪٿ سڏائن سير پير،
تن جون ڳالهيون بينظير- تن جون رمزون بيشمار؛
ڪهڙي مستن تي ميار.

● "وفا" نانڪ شاهي

## رباعيون

[١]

ڇهري ڪي جو سينگاري ڇڏيو ٿا سائين!
هلندن کي به بيهاري ڇڏيو ٿا سائين!
جنهن وقت ڪٿي مست نگاهون ٿا ڏسو،
سولا جو قسم ساري ڇڏيو ٿا سائين!

[٢]

ڪنهن ڪنهن کي ڪيان ياد وساريان ڪنهن کي،
ڏيان دل ۽ جگهه ڪنهن کي ڏڪاريان ڪنهن کي،
هڪ دل ۽ خريدار هزارين آهن،
سوچيان ٿو ڏيان ڪنهن کي ۽ ڏاريان ڪنهن کي.

[٣]

هندوءَ کي نه ڳوليو نه مسلمان ڳوليو،
ڳوليو نه فرشتا نه ئي يزدان ڳوليو،
هر ڪا چيز ڳولهڻ سان لڀي ويندي، پر
انسان لڀي ڪو نه ٿو انسان ڳوليو.

ڳيرو اڇن ڳاتن سان جت، ڏوتي اپن ذاتن سان جت،
گهوتيا گهمن گهاتن سان جت، ۽ گهوٽ گهوٻاٽن سان جت،
اوڍيو گهمن سي اجرڪون، ٽوپين تي سوتي ۽ ٽيڪون،
چا ٻت ٻدن جون ٻيهڪون، ٽا سرء جون لاهين سڪون،

اهڙا ٻچا اڄ ٻيي ڇٽين، اڪثر آميون سهراڻ جون:
جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

جن جا جنگي ۽ جواڻ پٽ، ڳاڙها جيها حلواڻ پٽ،
رانديون ڪڏن رت ساڻ پٽ، ”سرويچ“ پٽ سرواڻ پٽ،
هڪ هڪ سندا هيڏا جگر، هڪ هڪ ڇڏي توڙي ٽڪر،
هڪ هڪ اٽي سيني مسپر، هڪ هڪ ڪري ڇيهون ڇپر،

هڪ هڪ سنڌيءَ مستيءَ ۾ ڏس مستيون مهراڻ جون:
جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

● نياز علي شاهه ’محسن‘

## دوها

پريت پرائي ڪانهي ٽيندي پر نہ ڪر تون پاٽان،
تو ٻن منهنجا جاني جڳ ۾ ڪنهن کي ڪونہ سڃاڻان.

منهنجا مٺڙا مرڪي مرڪي مٺڙو مٺڙو ڳاءِ،
ڏس تہ لکيا سون ڪهڙا آهن دوها تنهنجي لاءِ.

ڏاڍي ماندي آهي دلڙي چپ تہ چتونڙا کول،
ايڏو ويجهو ايڏي دوري ٻول مٺونڙا ٻول.

جنهن ۾ ڪنهن کي ڪوبہ نہ هرگز ڪري سگهي مجبور،
آءُ تہ ويهي ناهيون پنهنجي دنيا جو دستور.

● قيوم 'طراز'

## گيت

رات پئي برسات ـ بلم گهر آءُ!
تن ۾ ساڳي تات ـ بلم گهر آءُ!
گهر جي در تي نرمل نم ٿي،
واجهائي اڄ وات ـ بلم گهر آءُ!

سنهن تان پنهنجي سر کي لاهي،
نيري رنگ جو ويس سنائي،
ڳاڙهو گونگهٽ مک تان لاهي،
پره ڦٽي پرڀات ـ بلم گهر آءُ!

هير ڏڏيءَ جا جهولا ٿا هي،
ڇوڪريون جهوسن پاڻ سجائي،
ڳائن لئه سان گيت بڻائي،
گيتن ۾ آلاپ ـ بلم گهر آءُ!

ماڪ ڦڙن جو هار سان ٿا هيان،
اڄ تـه گلي ۾ تو کي پايان،
سنهنجا سن! سان تنهنجي آهيان،
عجب بڻي آ بات ـ بلم گهر آءُ!

سبز وڻن اڄ پاتو روپ،
ڪيڻن پنن تي چمڪي ڌوپ،
ٽاريءَ تي ڪا ڪوئل ويٺي،
ڪوڪي سنڙي لات ـ بلم گهر آءُ!

● منشي ابراهيم

## ڏيڙو

وني‌ءَ وانگي هنيءَ ۾ ڪُ
رت ولوڙي راتو ڏينهان
پوءِ بہ هاري ٻـُڪ جو ٻـُڪُ

● عبدالجبار "شام"

## دوها

نور ڀريا ٻئي نيڻ اوهان جا نور ڀري پيشاني،
ڪهڙي ديس ڪان آيا آهيو هت ناهه اوهان جو ثاني.

پريم پکيئڙا تو لئه ٻڌايم اکڙين ۾ آکيرو،
ساجن تو ۾ سونهن ڀري آ منهنجو من آ ميرو.

هي نگري آ ڏک جي پيارا سک هتي ڪو ناهي،
هرڪو پاڻ کي سير ٿو سمجهي هرڪو سينو ساهي.

سچ جو آهي سودو اسان وٽ، سچ جي آهي وائي،
جيڪو سچ کي آڏو ايندو، تنهن سان ڪبي لڙائي.

● 'خاڪي' جويو

## وائي

ملندو هلندين سانڍ، پيئندو هانڍ،
هڏ ڪري هالار جا.

جيءَ جدا ٿي جي وڃي ميجي مور نه آڻ،
هڏ ڪري هالار جا.

هڻبو پاڻ پهاڙ سان، ڪوهياري جي ڪاڻ،
هڏ ڪري هالار جا.

راڳ ڪريو ڏينديس روح کي لهوءَ جي لالاڻ،
هڏ ڪري هالار جا.

● تاج جويو

## غزل

جتي سونهن سرهاڻ جي آ خدائي،
اتي ’تاج‘ چڪجي اسان اڪ اڙائي.

پتڻ پيار واري تسي پهتس پچائي،
سدا جت ورهائي وڃي ٿي سچائي.

جنين سونهن سان ساهه پنهنجا سلهاڙيا،
امرتا انهن جي ئي ڀاڱي ۾ آئي.

آڇائي حقيقت، اگهائي صداقت،
اکين جي اشاري اسان کي ٻڌائي.

جتي جڳ وارا جهڪائن جبينون،
اتي ”تاج“ ڪيئن سر جهڪائي ڇڏائي.

● عبدالحڪيم ”ارشد“

## غزل

هر دور ۾ ڏاهن ڏنگ سٺا، سياڻن کي ستايو آهه ويو،
يا سوري تن لئه سيج بڻي، يا ڪرت وهايو آهه ويو.

هر شخص پيو محسوس ڪري، اڄ ڪائي ته شرارت ٿيڻي آ،
هڪ زهر اسان کي پيارڻ لئه، ما ڪيءَ ۾ ملايو آهه ويو.

رهبر جي مليا گمراهه مليا، ڪي انڌا هئا ڪي چنڊا هئا،
بي سمجهه اڻوجهه ماڻهن کي، در در تي رلايو آهه ويو.

ڏارين ڪان شڪايت آهه نه ڪا، پنهنجن ئي اسان کي پيڙيو آ،
جو غم به مليو آيارن کان، لڙڪن ۾ لڪايو آهه ويو.

هڪ ڏينهن وطن جي ڌرتيءَ تي، سوَ ٻارڻ ٻنجي ٻرٽو آ،
مظلوم جو ڪوڙهو ڳاڙيو، جو رت وهايو آهه ويو.

هر ڪنهن تي سڏايو ديوانو، اڄ پرک وفا جي ٿيٽي آ،
جلاد مُڇن کي آهه وٽيو، زنجير گهرايو آهه ويو.

جيون جي اٽانگين راهن تي، همت نه ڪڏهن به هاريسين،
منزل جي تصور ڏي ڏنو، قدمن کي وڌايو آهه ويو.

هر لاٽ وساسي جڏهن وئي، دل ويچار ۾ آئي آ،
اونداهين ۾ ”ارشد“ ان جي، داغن کي جلايو آهه ويو.

● مير محمد پيرزادو

## گيت

سونا سونا سنگ ـ
پنهين ۾
سونا سونا سنگ.

ڪنهن جي پوتي ڪنهن جو چولو،
ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو،
ڪنهن جي عزت شان ۽ شوڪت،
ڪنهن جا آهن ننگ ـ
پنهين ۾
سونا سونا سنگ.

ڀوڪ ڀڪل جا سنگ نچن ٿا،
خاموشيءَ ۾ ساز وڄن ٿا،
جهولن جهولن جهومن ڳائن،
چڙهي ته هوا ۾ چنگ ـ
ٻنهين ۾
سونا سونا سنگ.

هر ڪا ڪاتي ڦتي ڦاتي،
موسم آ چڙهي سڌ جي ساتي،
شالون ساڀون سنڌ ڏکايون،
جهومن ٿا جهر جهنگ ـ
ٻنهين ۾
سونا سونا سنگ.

جاڏهون ڪاڏهون جهارون هلڪن،
ورهين جا ٿا وڇڙيل ڳڏجن،
تون جي ناهين تو ريءَ سائين،
ڏينهن هڻن ٿا ڏنگ ـ
ٻنهين ۾
سونا سونا سنگ.

● سروپچندر 'شاد'

## وڄندڙ چنگ

مون کي ڪير وڄائي ٿو،
آءٌ نٿو ڪجهه ڀي ڄاڻان؛
منهنجو ڪم رڳو وڄڻ،
انهيءَ ڪري آءٌ ٿو وڄان.
منهنجا مٺڙا مٺڙا سُر،
راڳا جو جڙي سهڄ سڀاءُ؛

گلڙن کي ڦٽڪي ڏيندڙ،
چڙ آ جهيڙو جهيڙو واءُ.

سڙ ۾ منهنجو ساهه سمايل،
اُئين، مکڻ جيئن کير ۾ آهه؛
يا بجلي آ پاڻيءَ ۾،
يا اک ۾ جيئن آهه ڪجل.

منهنجا آهن ڪيئي روپ،
مون کي آ پنهنجو سنگيت؛
پئي پراڻي جا نه ٽٽي،
مون وٽ آهي اهڙي پريت.

نفرت کي ماري منهنجي،
پريت ائين چمڪائي دل،
مينهن ڦڙيون ٽيون پن پن کي،
ڏوئي بنائن جيئن نرمل.

مون کي هيڪر تون سائين،
پنهنجي چپن تي چوري ڏس؛
ڪيئن نه وڻان ٿو تو کي پوءِ،
پاڻ کي مون تان گهوري ڏس.

● 'اياز' گل

## غزل

درد جنهين ۾ ناهي دوست،
سا دل پٿر آهي دوست.

منهنجي دل ۾ پيار آ تنهنجو،
تنهنجي دل ۾ چاهي دوست.

جيئون سهڻو تي پوندو آ،
ڪوجي ڪنهن کي چاهي دوست.

ڪُوڙين قرب اوهان جا آهن،
ڪهڙا لاهيون لاهي دوست.
ڀاڳ ته پنهنجي وَس ۾ آهن،
ڇڏبا ڪنهن ڏينهن ڦاهي دوست.
سچ ته پٿر تي ليڪو آهي،
ڪير انهيءَ ڪي ڊاهي دوست.
ميريءَ ڦاٽل جهوليءَ ۾ اڄ،
هڪڙو پيو ڳل ناهي دوست.

● ماڻيٽو اوٺو

## گيت

گهايل منهنجو مـن گهبرائي،
آئين ڇـو نـه الائـي!

تنهنجي ويٺي واٽ نهاريم،
روئـي روئـي رات گذاريم،
ويـٺـيـس واٽ وڇائي،
آئين ڇـو نـه الائـي!

دل گهايل دک ڇو ٿو گهائين،
مٺڙا منهنجي مـن جا مائين،
ڏک ٿو ڏيل ڏڪائي،
آئين ڇـو نـه الائـي!

تنهنجي درشن لئه واجهايان،
پوتيءَ جا پڙي پلئه پسايان،
جهوري جان جلائي،
آئين ڇـو نـه الائـي!



# وزارت تعليم حڪومت پاڪستان اسلام آباد
## جا تيار ڪرايل ڪي پيا ڪتاب

۱. مٺو مرسل — مصنف : علامه غلام مصطفيٰ قاسمي
۲. حضور صلعم جي
حياتي جو مختصر احوال — مصنف : سيد سردار علي شاهه
۳. چونڊ جديد سنڌي شاعري — مصنف : تنوير عباسي
۴. پورهيي جو مان — مصنف : ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي
۵. مثالي شاگرد — مصنف : محبوب علي جوکيو
۶. استادن جو ادب — مصنف : محبوب علي جوکيو
۷. جبلن رڻن ۽ پٽن ۾ انساني زندگي — مصنف : محمد اسماعيل عرساڻي
۸. سمنڊ جا اسرار — مصنف : ڪريم داد پٽافي
۹. ڪلاسيڪي شاعري — مصنف : پروفيسر عطامحمد حامي
۱۰. سڪي گهر — مصنف : عزيزه سومرو
۱۱. لوڪ شاعري — مصنف : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
۱۲. پاڪستان جا پراڻا شهر — مصنف : رشيد ڀٽي
۱۳. پکين ۽ جانورن جون
نصيحت ڀريون ڪهاڻيون — مصنف : اياز قادري
۱۴. ڳهه جي ڪهاڻي — مصنف : پروفيسر محمد امين ڀٽي
۱۵. شهري حياتي ۽ ڳوٺ — مصنف : ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي
۱۶. سنڌي اردو پهاڪا — مصنف : ڊاڪٽر غلام علي الانا
۱۷. ماڪوڙي، ماکيءَ جي مک
۽ ڪوريئڙي جي حياتي — مصنف : ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ
۱۸. برڪ سائنسي ڪوجنائون — مصنف : محمد عثمان ڏيپلائي
۱۹. ٻاراڻا گيت — مصنف : استاد بخاري
۲۰. شهري حياتي ۽ ڳوٺاڻي حياتي — مصنف : قاضي خادم
۲۱. عشقيه داستان — مصنف : اياز قادري
۲۲. ننڍا ناٽڪ — مصنف : محمد اسماعيل عرساڻي
۲۳. گهرو هنر — مصنف : عنايت الله عباسي
۲۴. بدن ۽ ان جو ڪم — مصنف : علي مرتضيٰ ڌاريجو